# دوست ڪيئن بڻائجي؟

08-December-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

8 ڊسمبر ، 2022ع جو پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# دوست ڪيئن بڻائجي؟

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندو....

✿...انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي

✿...دوست جي ڳولها جو معيار

✿...ڪافر جي دوستي جو ڀَوائتو انجام

✿...صحبت جو اثر ڪيئن ٿيندو آهي

✿...دعوتِ اسلامي ۾ نيڪ صحبت جي فراهمي

پيشڪش
مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن کي ڪا اهم حاجت درپيش هجي، اهو مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهي ڇوته درود پاڪ ڏک، درد، مصيبتن کي پري ڪندو آهي ۽ رزق ۾ اضافو ڪندو آهي. (1)

دُور ہو جائیں دُنیا کے رنج و اَلَم
مال ودولت کی کثرت کا طالب نہیں
ہو عطا اپنا غم دیجئے چشم نم
تم پہ ہر دم کروڑوں درود وسلام (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون سنتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سٺي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندي آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي.

---

1...بُسْتان الواعظين، صفحہ:241۔
2...وسائل بخشش، صفحہ:604۔
3...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحہ:305، حديث:6895۔

اچو! بيان ٻڌڻ کان پهرين سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثلاً نيت ڪيو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ پورو بيان ٻڌندس ❁ باادب ويهندس ❁ خوب توجھ سان بيان ٻڌندس ❁ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پڄائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اي الله پاڪ منهنجي دوست کي نيڪ بڻائي ڇڏ!

تاجدارِ لاهور، شيخُ المَشَائِخ، حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي زماني جي مشهور ڪتاب **ڪَشْفُ المحجوب** ۾ لکن ٿا: هڪ شخص ڪعبي شريف جو طواف ڪري رهيو هو، انهيءَ دوران ان جي زبان تي صرف هڪ ئي دعا هئي: اَللّٰهُمَّ اَصْلِحْ اِخْوَانِي اي الله پاڪ منهنجي دوست کي نيڪ بڻائي ڇڏ. ڪنهن پڇيو: هن مقام تي تون پنهنجي لاءِ دعا ڇو نٿو گهرين؟ ان شخص نهايت ڪمال جو جواب ڏنو. چيائين: مان (هتي مڪ مڪرمه ۾ نيڪ ڪمن ۾ مصروف آهيان پر جلد ئي مون کي) واپس پنهنجي دوستن ڏانهن وڃڻو آهي، جيڪڏهن اهي نيڪ هوندا ته مان نيڪ بڻجي ويندس جيڪڏهن اهي خراب هوندا ته انهن جي خرابي مون کي به پهچي ئي رهندي، لهٰذا انهي ڪري مان پنهنجي دوستن جي لاءِ دعا ڪري رهيو آهيان.

## يا الله! مون کي بري ماڻهن کان بچاءِ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! انسان جي طبيعت ۽ فطرت ئي اهڙي آهي جو بلڪل اڪيلو زندگي نٿا گذاري سگهون، الله پاڪ اسان انسانن جي ضرورتن کي هڪ ٻي سان ايئن جوڙي ڇڏيو آهي اسان چاهيندي يا نه چاهيندي هڪ ٻي سان گڏ هڪ ٻئي سان ملي جلي ڪري ئي زندگي گذاريندا آهيون، اسان کي ڪٿي نه ڪٿي، ڪنهن نه ڪنهن لحاظ سان ٻين جي ضرورت پوندي رهندي آهي. منقول

آهي: هڪ شخص هيئن دعا گهري رهيو هو: اَللّٰهُمَّ اغْنِنِی عَنِ النَّاس اي الله پاڪ! مون کي ماڻهن کان بي نياز ڪري ڇڏ. صحابي رسول حضرت عبدالله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما ٻڌو ته فرمايائون: اي شخص! مان ڏسي رهيو آهيان ته تون الله پاڪ کان موت جي دعا گهري رهيو آهين...!! بيشڪ انسان جيسيتائين زنده آهن، هڪ ٻي کان بي نياز نٿا ٿي سگهن. ان جي بدران هيئن دعا ڪر: اَللّٰهُمَّ اغْنِنِی عَنْ شِرَارِ النَّاس اي الله پاڪ! مون کي برن ماڻهن کان محفوظ فرماءِ...!! (1)

## دوستيءَ جا آداب سکڻ ضروري آهن؟

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: اسان ماڻهن سان ميل ميلاپ، تعلقات وغيره کان بي نياز نٿا ٿي سگهون، جيسيتائين زنده آهيون، اسان کي ٻين سان گڏ ملڻ جلڻ، اٿڻ ويهڻ، دوستي تعلق رکڻو ئي هوندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو دينِ اسلام ۾ دوستي ۽ نيڪ صحبت جي آداب تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو آهي. حُضور داتا گنج بخش هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نفس جي عادت آهي ته پنهنجي ساٿين سان راحت ماڻيندو آهي، جنهن قسم جي ماڻهن جي صحبت ۾ ويهندو آهي، انهن جون ئي عادتون اختيار ڪري وٺندو آهي، **انهيءَ ڪري مشائخ (يعني اولياءِ ڪرام) سڀ کان پهريان دوستي جي حقن تي توجه ڏيندا آهن ۽ مريدن کي انهيءَ جي ترغيب ڏياريندا آهن، ايسيتائين جو مشائخ وٽ دوستي جا آداب سکڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ فرض جو درجو رکندو آهي.** (2)

## انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي

ترمذي شريف جي حديث پاڪ ۾ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اَلرَّجُلُ عَلَی دِیْنِ خَلِیْلِهٖ، فَلْيَنْظُرْ اَحَدُكُمْ مَنْ يُخَالِلُ ماڻهو پنهنجي دوست

1... رساله ادب الاختلاط بالناس، صفحه:56.

2...كشف المحجوب مترجم، صفحه:499بتغير.

جي دين تي هوندو آهي، لهٰذا توهان مان هر هڪ کي گهرجي تہ اهو ڏسي ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي. (1)

يعني عموماً انسان پنهنجي دوست جي سيرت ۽ اخلاق اختيار ڪري وٺندو آهي، ڪڏهن ان جو مذهب بہ اختيار ڪري وٺندو آهي، لهٰذا سٺن سان دوستي رکو تہ جيئن توهان بہ چڱا ڀڄجي وڃو! ۽ ڪنهن سان دوستي ڪرڻ کان پهريان ان کي سڃاڻي وٺو تہ الله ۽ رسول جو فرمانبردار آهي يا نہ. صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا : انسان جي طبيعت ۾ اَخَذ يعني وٺي وٺڻ جي خاصيت آهي، حريص سان صحبت حِرص ۽ زاهد جي صحبت سان زُهد و تقويٰ ملندو (لهٰذا هر هڪ کي گهرجي تہ ڪنهن نہ ڪنهن کي دوست بڻائڻ کان پهريان چڱي طرح غور و فڪر ڪري وٺي، ڀُولها ڪري تہ مان ڪنهن کي دوست بڻائي رهيو آهيان). (2)

## عقلمندي جي هڪ ڳالھ

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث تي بار بار غور ڪيو! رسول اڪرم نُورِ مجسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: الرَّجُلُ عَلَى دِينِ خَلِيْلِهِ انسان پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي.

هن مان خبر پئي ٿي تہ دوست بڻائڻ ڪيترو اهم آهي. اسان هلندي، گهمندي ۽ وٺ واٺ ويندي بہ دوستي ٿي ويندي آهي. هڪ اڌ ڪلاڪ بس ۾ گڏ سفر ڪيو ڳالھ ٻول ٿي، پنهنجو نمبر ڏنو، هن جو نمبر ورتو، ۽ دوستي ٿي وئي بلڪ هاڻ تہ نئون دور آهي، آن لائن دوستيون ٿين ٿيون، نہ سامهون واري کي ڏٺو، نہ سڃاتو، اهو بہ ناهي معلوم هوندو تہ آئون جنهن سان دوستي ڪيان پيو، اهو ڪير آهي، بس فيس بڪ (*Facebook*)، انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره تي چار ڳالهيون ٿيون، فرينڊ ريڪويسٽ (*Friend Request*) آئي، اسان قبول (*Accept*)

---

1... ترمذی، کتاب الزہد، صفحہ:566، حدیث:2378۔

2... مرآۃ المناجیح،جلد:6، صفحہ:599 بتغیر قلیل ۔

ڪئي ۽ دوستي ٿي وئي .

ڪيڏي افسوسناڪ صورت حال آهي، اسان کي پير ۾ پائڻ جي لاء جتي وٺڻي هجي تہ پوري مارڪيٽ گهمندا آهيون، ماڻهو هڪ جتو پسند ڪرڻ لاء ڪيئي ڪيئي ڪلاڪ لڳائيندا آهن، تڏهن وڃي ڪو جوتو پسند ايندو آهي ۽ دوست ...!! جنهن کي دل ۾ جڳهہ ڏيڻي آهي، جنهن سان گڏ اٿڻو ويهڻو آهي، ان کي پنهنجي زندگي ۾ شامل ڪرڻو آهي، ان جا اخلاق اسان تي اثر ڪندا، ان جو ڪردار اسان جي ڪردار تي اثر انداز ٿيندو، ان جي باري ۾ ڪوبہ غور فکر ناهي، ڪا بہ جاچ پڙتال ناهي، بس! پاڻ ۾ چار ڳالهيون ٿيون ۽ دوست بڻجي ويو.

الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي! غور تہ ڪيو ! اسان جو دوست اسان جو ايمان آهي ان جي ڪري دوست بنائڻ ۾ تمام احتياط سان ڪم وٺڻ ضروري آهي. علامہ شعراني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائي ٿو: دوست بنائڻ جي لاءِ عقلمند هجڻ ضروري آهي تان جو انسان ڄاڻي سگهي تہ ڪير دوستي جي لائق آهي ڪير ناهي. وڏيڪ فرمائن ٿا: بي وقوف ماڻهون هر ڪنهن کي دوست بڻائي وٺندا آهن، چار ڏينهن کان پوءِ جهيڙو ٿيندو آهي ۽ اهي ئي دوست دشمن بڻجي ويندا آهن. علماء ڪرام فرمائن ٿا: **عقلمند اهو آهي جيڪو پهريان تجربو ڪري، پوءِ دوست بڻائي.** (1)

## دوست آئينو هوندو آهي

اي عاشقانِ رسول! هي ڳالهہ هميشہ ياد رکجو! اسان جو دوست اسان جو آئينو هوندو آهي. مثال طور آئون جيڪڏهن ڪنهن کي پنهنجي دوستي لاء منتخب ڪيان ٿو تہ منهنجو انتخاب اهو ٻڌائيندو تہ منهنجي سوچ ڪهڙي آهي؟ منهنجي پسند ناپسند ڪهڙي آهي؟ منهنجو اخلاق منهنجو ڪردار، منهنجي

[1]... لواقح الانوار،العهد الحادى عشر بعد المائتين فى مجالسة الصالحين،جلد:2 ،صفحه:42۔

ذهنيت (*Mentality*) جي خبر هي چوندڙ ڏيندي، منهنجو قلبي لاڙو ٻڌائيندو ته آئون ڪهڙو انسان آهيان، جيڪڏهن آئون سٺي دوست جي چوندڙ ڪندس ته منهنجي اها چوندڙ ڪرڻ دليل هوندو ته آئون پاڻ ڪيترو سٺو آهيان، ۽ جيڪڏهن مان بري شخص کي دوست بڻائيندس ته اهو دليل هوندو ته آئون پاڻ برو آهيان.

صحابي رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: دونهون باهه جي ايتري نشاندهي ناهي ڪندو جيتري دوست پنهنجي دوست جي نشاندهي ڪندو آهي. (1)

يعني اسان پري کٽان ڪان دونهون اٿندي ڏسون ته اسان کي معلوم ٿي ويندو آهي ته ڪٿي باهه لڳي آهي، خبر پئي: دونهون باهه جي نشاندهي ڪندو آهي، حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي فرمان جو مطلب آهي: پري کان دونهون ڏسي ڪري اسان کي باهه جو ايترو پختو يقين ناهي ٿيندو جيترو هي ته هڪ دوست کي ڏسي ڪري ٻي دوست جون عادتون، ان جا طور طريقا، ان جي پسند ناپسند ۽ ان جي سوچ جو پتو پئجي ويندو آهي.

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو ئي هڪ ٻيو فرمان آهي، پاڻ فرمائن ٿا: ڪنهن کي پرکڻو هجي ته ان جي دوستن تي پرکيو ڇوته ماڻهو انهيءَ سان دوستي ڪندو آهي، جنهن کي اهو پاڻ جهڙو سمجهي ڪري چڱو سمجهندو آهي. (2)

## انسان پاڻ جهڙي سان دوستي ڪندو آهي

توهان غور فرمايو! دنيا ۾ هزارين ماڻهو آهن، جن سان اسان جي دوستي ناهي هوندي سوين آهن جن سان اسان جي دوستي ٿي ويندي آهي: هڪ شخص

---

[1]... ادب ا لدنيا و الدين للماوردی، باب الرابع،صفحہ:162۔

[2]... موسوعہ ابن ابی الدنيا،کتاب الاخوان،جلد:8، صفحہ:161 ،حديث:38۔

اسڪول ۾، ڪاليج ۾، آفيس ۾ هڪ عرصي تائين اسان سان گڏ رهندو آهي، ان سان بس دعا سلام ئي رهندي آهي، گهري دوستي ناهي ٿي سگهندي جڏهن ته ڪنهن سان چند ڪلاڪن جي ملاقات ئي ۾ ان سان گهري دوستي ٿي ويندي آهي، آخر ان جو سبب ڪهڙو آهي؟ شيخ شهابُ الدين سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ان جو سبب آهي: هم جنس هجڻ: اَلْجِنْسُ يَمِيْلُ اِلٰى جِنْسِهٖ [1] جنس پنهنجي جنس ئي ڏانهن موٽندي آهي؛

پہنچی وہیں پہ خاک، جہاں کا خمیر تھا

حضرت امام مالڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان پکين وانگر آهن، پکي هميشه پاڻ جهڙي پکين سان گڏ رهندا آهن: ڪبوتر ڪبوترن سان گڏ رهندو آهي، ڪانءُ ڪانوَن سان گڏ، ڪڪڙ ڪڪڙين سان گڏ، بدڪ بدڪن سان گڏ ايئن ئي انسان به پنهنجي هم خيال، هم فڪر، هم ڪردار، هم اخلاق سان دوستي ڪندو آهي.[2]

## دوست جي پَرکَ جو معيار

پيارا اسلامي ڀائرو! ماکيءَ جي مک گلن، ميون ۽ سٺي شين تي ئي ويهندي آهي، هيءَ ماکيءَ جي مک جي پاڪيزگي، ان جي سٺي فطرت جو دليل آهي جڏهن ته بي مک گندگي ئي تي ويهندي آهي، هيءَ ان جي گندي طبيعت جو اثر آهي. هاڻ اسان کي غور ڪرڻو آهي ته اسان ڪنهن سان گڏ ويهون ٿا، ڪنهن سان دوستي رکون ٿا، اسان جهڙي دوست جو انتخاب ڪنداسين، اسان جي فطرت، طبيعت اهڙي ئي هوندي. شيخ شهابُ الدين سهروردي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن طرف دل مائل ٿي (يعني دل چئي ته فلاڻي سان دوستي ڪيان ته) گهرجي ته ماڻهو ان کي شريعت جي ترازو ۾ ان کي توري (ڏسي ته چا هو

---

[1] ... احياء العلوم،کتاب عوارف المعارف،باب الثالث و الخمسون،جلد:5 ،صفحه:272 ـ

[2] ... روضة العقلاء و نزہة الفضلاء لابن حبان ،ذکر ائتلاف الناس و اختلافهم،صفحه:96ـ

نمازون پڙهندو آهي؟ فرائض و واجبات تي عمل ڪندو آهي؟ سنتون ادا ڪندو آهي؟ شريعت جي روشني ۾ ان جا اخلاق، ان جي ڪردار جي ڳولها ڪري) جيڪڏهن ان جا حالات ۽ اَحوال شريعت جي مطابق هجن تہ ماڻهو پاڻ کي سٺي حالت جي خوشخبري ڏي ۽ اهو شخص جنهن جي دوستي ڏانهن دل مائل آهي، جيڪڏهن اهو شريعت جي ترازو تي پورو نہ لهي، (مثلاً نمازون قضا ڪندو آهي، روزا نہ رکندو هجي، فرائض ۽ واجبات جي ادائيگي ۾ سستي ڪندو هجي، بد زبان هجي، بُري اخلاقن وارو، بري عادتن وارو هجي) ماڻهو کي گهرجي تہ پاڻ کي ملامت ڪري، ڇو تہ ان کي پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي آئيني ۾ پنهنجي بدحالي نظر آئي آهي.[1]

الله پاڪ اسان کي سٺن دوستن جي نيڪ صحبت نصيب فرمائي.

آمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## دوست جنّت جو رستو يا جهنّم جو ساٿي

اي عاشقانِ رسول! ڪنهن سان دوستي ڪرڻ معمولي ڳالهہ ناهي، هي وڏو اهم معاملو آهي، اسان جو دوست اسان کي جنّت جو حقدار بہ بڻائي سگهي ٿو ۽ جهنّم جي واٽ جو مُسافر بہ بڻائي سگهي ٿو. بُخَاري شريف ۾ حديث پاڪ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ ماڻهو انهيءَ سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪندو آهي.[2]

الله اڪبر! معلوم ٿيو ❁ **جيڪي** جنّت جي رستي تي هلي رهيا آهن ❁ جيڪي نمازون پڙهندا آهن، سنتون ادا ڪندا آهن ❁ نيڪ ڪم ڪندا آهن ❁ جنّت ۾

---

1 ...ملاحق احياء العلوم،كتاب عوارف المعارف،باب الثالث و الخمسون،جلد:5 ،صفحه:272 ملتقطًا۔

2 ...بخاری،کتاب:الادب،باب:علامۃ حب اللہ ...الخ،صفحہ:1529،حدیث:6168۔

ونئي وڃڻ وارا ڪم ڪندا آهن ❁ جيڪڏهن اڄ اسان انهن سان محبت ڪنداسين ❁ انهن سان دوستي ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ! قيامت جي ڏينهن انهن سان ئي گڏ هونداسين ۽ الله نہ ڪري! جيڪڏهن اسان جهنّم جي رستي تي هلڻ وارن سان گڏ ويناسين ❁ جيڪي نمازون ناهن پڙهندا ❁ روزا ناهن رکندا ❁ ڳائڻ وڄائڻ ٻڌندا آهن ❁ فلمون ڏسندا آهن ❁ گارگند ڪندا آهن ❁ جهيڙو جهڳڙو ڪندا آهن ❁ شراب پيئندا آهن ❁ جُوا کيڏندا آهن ❁ الله ۽ رسول جي نافرماني ڪندا آهن، جيڪڏهن اسان اهڙن سان دوستي لڳائي ۽ خدانخواستہ توبہ ڪرڻ کان بغير ئي دنيا مان هليا وياسين تہ افسوس! حديث پاڪ جي مطابق قيامت جي ڏينهن انهن سان گڏ اٿاريا وينداسين. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي تہ خوب چڱي طرح سوچي سمجهي ڪري دوستي رکندا ڪيون.

## ڪافرن سان دوستي جو انجام

هڪ شخص هيو: عُقبہ بن اَبي مُعِيط هي مڪ مڪرمہ جو رهاڪو ڪافر هو، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ حاضر ٿيندو هو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي نُور پريون ڳالهيون ٻڌندو هو، انهن کي پسند ڪندو هو، جيتوڻيڪ ان ڪلمو نہ پڙهيو هو، هڪ ڏينهن انهيءَ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي گهر دعوت تي گهرايو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف وٺي ويا، کاڌو حاضر ڪيو ويو، رسولِ رحمت، شفيعِ اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيسيتائين تون ڪلمو پڙهي مسلمان نٿو ٿي وڃين، مان تنهنجي گهر جو کاڌو هرگز نہ کائيندس، جيئن تہ عُقبہ بن ابي مُعيط بظاهر ڪلمو پڙهي ورتو، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کاڌو تناول فرمايو ۽ واپس شريف وٺي آيا.

عُقبہ بن ابي مُعيط جي اُبَيّ بن خَلف سان دوستي هئي، اُبَيّ بن خلف مڪ

مڪرم جو وڏو ظالم ڪافر هو، جڏهن اُن کي خبر پئي ته عُقبہ رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي پنهنجي گهر دعوت ڪئي آهي ۽ ڪلمو به پڙهي ڇڏيو اٿس ته ان ڪافر جي رڳ ڦڙڪي اُٿي، اُن عُقبہ کي اُڪسايو ۽ چيو: منهنجي توسان دوستي جي هاڻي هڪ ئي راهه آهي، اها هيءَ آهي ته تون محمَّد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان بد تميزي سان پيش اچ! مَعَاذَالله!

هاڻ عُقبہ بن ابي مُعيط جي سامهون 2 رستا هئا، هڪ طرف اُن جو دوست هو، ٻي طرف الله پاڪ جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو دامنِ اَقدس ۽ ٻنهي جهانن جون ڀلايون هيون پر افسوس! عُقبہ بن ابي مُعيط ڪافر ڪافر جي دوستي کي پسند ڪيو، هي بدبخت بارگاهِ رسالت ۾ آيو ۽ ان سخت گستاخي ڪئي [(1)]، ان تي سيپاري:19، سوره فرقان جي هي آيت ڪريمہ نازل ٿي:

وَ يَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلًا ﴿۲۷﴾ يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِىْ لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلًا ﴿۲۸﴾ لَقَدْ اَضَلَّنِىْ عَنِ الذِّكْرِ بَعْدَ اِذْ جَآءَنِىْ ؕ وَ كَانَ الشَّيْطٰنُ لِلْاِنْسَانِ خَذُوْلًا ﴿۲۹﴾

(پاره:19،سورۂ فرقان:27 تا 29)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جنهن ڏينهن ظالم پنهنجا هٿ چٻاڙيندي چوندو: اي ڪاش جو مون رسول سان رستو اختيار ڪيو هجي ها. هاءِ منهنجي بربادي! اي ڪاش جون مون فلاڻي کي دوست نہ بڻايو هجي ها. بيشڪ ان مون وٽ نصيحت اچي وڃڻ کان بعد مون کي ان کان ڀٽڪائي ڇڏيو ۽ شيطان انسان کي مصيبت جي وقت بي يارومددگار ڇڏڻ وارو آهي.

انسان کي جڏهن گهڻي حسرت ۽ شرمندگي ٿيندي آهي يا تمام گهڻو غُصو

---

[1]... خازن، پاره:19،سورۂ فرقان،زيرِ آيت:27،جلد:3 ،صفحہ:312۔

ايندو آهي تہ ڪجھ ماڻھو ڏند پيھندا آھن، ڪجھ ماڻھو حسرت ۾ پنھنجي ھٿن ڪي چڪ ھڻڻ لڳندا آھن، قيامت جي ڏينھن عُقبہ بن ابي مُعيط جي بہ اھا ئي حالت ھوندي، اھو حسرت سان پنھنجي ھٿن تي چڪ ھڻندو[1] ۽ چوندو: اي ڪاش! مون رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جو ساٿ ماڻيو ھجي ھا، ڪاش! ان جي پيروي ۾ جنّت ۽ نجات جو رستو اختيار ڪيو ھجي ھا! ھاءِ منھنجي بربادي...!! ڪاش! مون فلاڻي (يعني اُبَيّ بن خَلف) ڪي دوست نہ بڻايو ھجي ھا.[2]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! عُقبہ بن ابي مُعيط رسولِ اڪرم، نُورِ مُجسَّم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي خدمت ۾ ويھندو ھو، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جون ھدايت ڀريون ڳالھيون ٻڌندو ھو، ان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ جي چوڻ تي ڪلمو بہ پڙھي ورتو ھو پر افسوس! ھڪ ڪافر جي دوستيءَ ان ڪي گمراھ ڪري ڇڏيو، ھي جنّت جي رستي جو مُسافر بڻجي ئي چڪو ھو پر غلط دوستيءَ انھي ڪي وري جھنّم ڏانھن ڌڪي ڇڏيو. ھاڻ اسان پنھنجي باري ۾ غور ڪيون، افسوس! جيڪڏھن اسان برن ماڻھن ڪي دوست بڻايو ❁ جيڪي نمازون نہ آھن پڙھندا ❁ نيڪ ڪم نہ آھن ڪندا ❁ اللّٰہ و رسول جي نافرماني ڪندا آھن ❁ شراب پيئندا آھن ❁ جوا ڪيڏندا آھن ❁ وياج جي ڏي وٺ ڪندا آھن ❁ ڀنگ چرس وغيره جو نشو ڪندا آھن ❁ جھيڙو ڪرڻ وارا ❁ فيشن پرستي ۾ آخرت ڪي وسارڻ وارا ❁ سرڪش ۽ نافرمان آھن ❁ اسان جيڪڏھن اھڙن ڪي دوست بڻايو تہ ڪتي سياڻي قيامت جي ڏينھن جڏھن سڀ تعلقات ٽٽي ويندا ❁ ماءُ پٽ کان ڀڄندي ❁ پيءُ اڪلوتي پٽ کي ڇڏي ڏيندو ❁ ياءُ ياءُ کان پري ڀڄندو، ان

---

[1]... خازن، پاره:19،سورۀ فرقان،زيرِ آيت:27،جلد:3، صفحہ:313۔

[2]... خازن، پاره:19،سورۀ فرقان،زيرِ آيت:28،جلد:3، صفحہ:313۔

وقت دوست احباب ڪير ڪنهن سان حال احوال نه پڇڻ وارو نه هوندو ۞ افسوس! قيامت جي ان هولناڪ ڏينهن الله نه ڪري اسان به ڪٿي حسرت سان اهو ئي نه سڏيندي رهجي وڃون ته

| | |
|---|---|
| يَٰوَيْلَتَىٰ لَيْتَنِى لَمْ أَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيلًا ﴿٢٨﴾ (پاره:19،سورهٔ فرقان:28) | ترجمو ڪنز العرفان: هاءِ منهنجي بربادي! اي ڪاش جون مون فلاڻي کي دوست نه بڻايو هجي ها. |

انهي ڪري اڄ موقعو آهي، سنا ئي دوست بڻايو، صرف سنن، نيڪ نمازي ماڻهن جي صحبت ئي اختيار ڪيو.

| | |
|---|---|
| صحبتِ صالح ترا صالح کند | صحبتِ طالح ترا طالح کند |

ترجمو: يعني چڱي جي صحبت توکي چڱو بڻائي ڇڏيندي، بري جي صحبت توکي برو بڻائي ڇڏيندي.

## خطري جي گهنٽي

**اي عاشقان رسول!** بي نمازي، شرابي، ماءُ پيءُ جي نافرمانن سان دوستي به جيتوڻيڪ نقصان ڏيندڙ آهي پر ياد رکو! ڪافرن سان دوستي ڪرڻ ايمان لاءِ خطري جي گهنٽي آهي. مذهبي پروگرامن (*Events*) جي موقعي تي انهن کان ڏي وٺ جا معاملا ڪرڻ يا انهن جي ڪنهن مذهبي ڏينهن ۾ وڃڻ، غمي خوشي جي معاملن ۾ انهن کي گڏ رکڻ، خاص ڪري اسان جي ٻارن جو غيرمسلمن سان دوستي ڪرڻ والدين جي لاءِ تمام توجهه گهري ٿو. جن آبادين ۾ مسلمان ۽ غير مسلم گڏ رهندا هجن، اتي تمام گهڻي احتياط جي حاجت آهي، الله پاڪ اسان جي ايمان جي حفاظت فرمائي.

پاري: 28، سوره مُمتَحِنَہ آيت:1 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّيْ وَ عَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَ قَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ

(پاره:28،سورۂ مُمْتَحِنہ:1)

ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ منهنجي ۽ پنهنجي دشمنن کي دوست نہ بڻايو توهان انهن کي دوستي جي سبب خبرون پهچايو ٿا حالانڪ يقيناً اهي ان حق جا منڪر آهن

تفسير صراط الجنان ۾ آهي اي ايمان وارؤ! ڪافرن کي پنهنجو دوست نہ بڻايو جيڪي منهنجا ۽ توهان جا دشمن آهن. (1) ڪافرن سان دوستي ڪرڻ، انهن جي مدد ڪرڻ ۽ انهن کان مدد گهرڻ ۽ انهن سان محبت جا رابطا (يعني ميل ميلاپ) رکڻ ممنوع آهي، مسلمانن تي دين اسلام جي هر مخالف سان عليحدگي ۽ جدا رهڻ واجب آهي. (2)

## اسان بي وفائي نٿا ڪري سگهون

ڪجهہ ماڻهون بريون دوستيون رکي ويهندا آهن، انهن کي جيڪڏهن سمجهايو وڃي تہ اَدا بري دوستن وٽ ويهڻ سٺي ڳالهہ ناهي انهن کي ڇڏي سٺن ماڻهن وٽ ويهندا ڪريو! تہ انهن کي شيطان وفا جو فلسفو پڙهائيندو آهي تہ اسان هرگز بي وفائي نٿا ڪري سگهون دوستي رکي آهي تہ ان کي هرحال ۾ نڀائينداسين.

ان ۾ پهرين ڳالهہ تہ هي آهي جو اسان ڪنهن جو دوست هجڻ کان پهريان الله پاڪ جا ٻانها ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جا اُمتي آهيون جيڪڏهن اسان واقعي

---

[1]...تفسير صراط الجنان،پاره :28، سورۂ مُمْتَحِنَہ ، تحت الآيۃ:1، جلد:10، صفحہ:101۔

[2]...تفسير صراط الجنان،پاره:6، سورۂ مائده، تحت الآيۃ:51، جلد:2، صفحہ:448 ملتقطاً۔

وفادار آهيون ته پوءِ اسان اللهؔ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامن سان ڪيتري وفاداري ڪئي آهي؟ الله ۽ رسول فرمائن: برو دوست نه بڻايو! الله ۽ رسول فرمائن: سچن ۽ صحيح ماڻهن سان گڏ رهو، اسان برن سان گڏ وينا آهيون. آخر اسان هتي وفاداري چو نٿا ڪيون ؟

هونئن به دوستن جي وفا آخر ڪيستائين هوندي ؟ قبر تائين......!بس! افسوس! اسان نٿا ڄاڻون ته ملڪ الموت عَلَيه السَّلام ڪڏهن تو روح قبض ڪرڻ لاءِ تشريف ڪٽي اچي، بس! هي ساهه رڪجڻ جي ئي دير آهي، اسان جا دوست اسان کي انڌيري قبر جي کڏ ۾ اڪيلو ڇڏي موٽي ايندا، پوءِ نه ڪو دوست هوندو نه يار، نه وفائون رهنديون،نه ئي واعدا، بس اسان هونداسين ۽ اسان جا سنا يا برا عمل هوندا. افسوس! پوء قيامت جو خوفناڪ ڏينهن ايندو، اتي بي نمازي دوستن جو ڪم اچڻ ته پري جي ڳالهه، سڀِي ماءُ به پنهنجي اڪيلوتي پٽ کان منهن ڦيري رهي هوندي، پوء هي وفائون ڪيڏاهن وينديون؟ ڪير هوندو اسان کي جهنم کان بچائڻ وارو...؟

مِٹادے ساری خطائیں مِری مِٹا یاربّ!
بنادے نیک بنانیک دے بنا یاربّ!

بنادے مجھ کو الٰہی خُلوص کا پیکر
قریب آئے نہ میرے کبھی رِیا یاربّ!

اندھیری قبر کا دل سے نہیں نکلتا ڈر
کروں گا کیا جو تُو ناراض ہو گیا یاربّ!

گناہگار ہوں میں لائقِ جہنم ہوں
کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یاربّ (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## با وفا دوست ڪير...؟

پيارا اسلامي ڀائرو! قيامت جو ڏينهن بريون دوستيون مٽائڻ جو ڏينهن آهي،

[1]... وسائلِ بخشش،صفحه:78۔

هڪ دوست آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن بہ ساٿ نڀائيندو، اهو ڪهڙو دوست آهي؟ الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

اَلْاَخِلَّآءُ يَوْمَىٕذٍۭ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ ﴿۶۷﴾

(پاره:25،سورۀ زخرف:67)

ترجموڪنزالعرفان: ان ڏينهن گهاٽا دوست هڪٻئي جا دشمن ٿي ويندا سواءِ پرهيزگارن جي.

تفسير صراط الجنان ۾ هن آيت جي حوالي سان لکيل آهي: ”دنيا ۾ جيڪا دوستي ڪفر ۽ گناهہ جي ڪري هئي اها قيامت جي ڏينهن دشمني ۾ بدلجي ويندي پر ديني دوستي ۽ اها محبت جيڪا اللّٰه پاڪ جي لاءِ هئي اها دشمني ۾ تبديل نہ ٿيندي بلڪ باقي رهندي. [1]

مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللہ عَنْہ کان هن آيت جي تفسير ۾ مروي آهي، پاڻ فرمائن ٿا: 2 دوست مومن آهن ۽ 2 ڪافر. مومن دوستن ۾ هڪڙو مري ويندو آهي تہ اهو اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪندو آهي تہ يااللّٰه پاڪ! فلاڻي مون کي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪرڻ جو ۽ نيڪي ڪرڻ جو حڪم ڪندو هو ۽ مون کي برائي کان روڪيندو هيو ۽ هي خبر ڏيندو هيو تہ مون کي تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻو آهي، يااللّٰه پاڪ! هن کي مون کان پوءِ گمراهہ نہ ڪجان ۽ هن کي اهڙي هدايت ڏي جهڙي هدايت مون کي عطا فرمائي ۽ ان جي اهڙي عزت رکجان جهڙي منهنجي عزت رکي، جڏهن هن جو مومن دوست مري ويندو آهي تہ الله پاڪ ٻنهي کي جمع ڪندو آهي ۽ فرمائيندو آهي تہ توهان مان هر هڪ ٻي جي تعريف ڪري تہ هر هڪ چوندو آهي تہ هي سنو دوست آهي سنو ساٿي آهي، سنو رفيق آهي. 2 ڪافر دوستن مان هڪ جڏهن مري ويندو آهي تہ دعا ڪندو

---

[1]... تفسيرڪبير،پاره:25،سورۀ زخرف،زير آيت:67 ،جلد:9، صفحہ:641 ملتقطاً ۔

آهي تہ ياالله پاڪ! فلاڻي مون کي تنهنجي ۽ تنهجي رسول صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪان منع ڪندو هو ۽ برائي جو حڪم ڏيندو هو نيڪي ڪان روڪيندو هو ۽ هي خبر ڏيندو هو تہ مون کي تنهنجي حضور ۾ حاضر ناهي ٿيڻو تہ انهن مان هر هڪ ٻي کي برو ياء برو دوست ۽ برو رفيق چوندو آهي. (1)

## نيڪ دوست ۾ شفاعت ڪندا!

معلوم ٿيو تہ قيامت جي ڏينهن نيڪ، صالح ۽ پرهيزگار مسلمانن جي دوستي مسلمانن جي لاء ڪم ايندي ۽ اهي قيامت جي تمام سخت هيبتناڪ ڏينهن ۾ مسلمانن جي غم خواري ۽ شفاعت ڪندا، جئين تہ حضرت جابر بن عبد الله رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ حضور اڪرم نور مجسم صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو جنتي چوندو: منهنجي فلاڻي دوست جو ڇا حال آهي؟ ۽ اهو دوست گناهن جي ڪري جهنم ۾ هوندو، الله پاڪ فرمائيندو هن جي دوست کي ٻاهر ڪيو ۽ جنت ۾ داخل ڪيو تہ جيڪي جهنم ۾ باقي رهجي ويندا اهي چوندا تہ اسان جو ڪو سفارشي ناهي ۽ نہ ڪوئي غم خوار دوست. (2)

حضرت حسن بصري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ايماندارَ دوست وڌايو چوتہ هُو قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪندا. (3)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن وفادار دوست! ڪير؟ متقي، پرهيزگار، نيڪ نمازي، الله ۽ رسول جي فرمانبرداري ڪرڻ وارا، جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عملَ ڪرڻ وارا، انهن سان ئي دوستي رکڻ گهرجي، هي سٺا دوست آهن، هي ئي اُهي آهن جيڪي قيامت جي ڏينهن ڪم ايندا.

[1]… تفسير خازن،پاره:25 ،سورة زخرف،زيرِ آيت:67،جلد:4،صفحه:113۔

[2]… تفسيرِ بغوی،پاره:19 ،سورة شعراء،زيرِ آيت:101 ،جلد:3،صفحه:364۔

[3]… تفسيرِ بغوی،پاره:19 ،سورة شعراء،زيرِ آيت:101 ،جلد:3،صفحه:364۔

الله پاڪ اسان کي نيڪ ماڻهن سان دوستي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## چڱي ۽ بري دوست جو مثال

نبي اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: چڱي ۽ بري دوست جو مثال مشڪ کپائيندڙ ۽ بني دکائڻ واري جيان آهي. مشڪ کڻڻ وارو يا ته توهان کي ڪجهه ڏيندو يا ته توهان اُن کان خريد ڪندؤ ۽ يا ته توهان اُن کان صرف سٺي خوشبو حاصل ڪندؤ ۽ بني دُکائڻ وارو يا ته توهان جا ڪپڙا ساڙيندو ۽ يا ته توهان هن مان بدبو ماڻيندؤ. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڪهڙو پاڪيزه مثال آهي جنهن جي ذريعي سمجهايو ويو آهي ته برن جي صحبت فائدو ۽ چڱن جي صحبت نقصان ڪڏهن به ناهي نٿي ڏئي سگهي، بني واري کان مشڪ ناهي ملندو گرمي ۽ دونهون ملندو ۽ مشڪ واري کان نه گرمي ملندين نه دونهون بلڪ مشڪ ۽ خوشبو ئي ملندي. هن فرمان عالي شان جو مقصد هي آهي ته جيترو ٿي سگهي برن جي صحبت کان بچو جو هي دين ۽ دنيا برباد ڪري ڇڏيندي آهي ۽ نيڪ صحبت اختيار ڪندؤ ته ان سان دين ۽ دنيا نهي پوندي.

مار بد تنها ہمیں بر جاں زند | یار بد بر دین و بر ایمان زند (2)

وضاحت: نانگ جي صحبت جان وٺندي آهي، بري يار جي صحبت ايمان برباد ڪندي آهي.

---

[1]... بخاری ، کتاب الذبائح والصيد ، باب المسک ،صفحہ:1410، حديث:5534۔

[2]... مرآة المناجيح ،جلد:6،صفحہ:590 تا 591 ملتقطًا۔

# صحبت جو اثر ڪيئن ٿيندو آهي...؟

اسان وٽ اولاد جيڪڏهن بري دوستن سان گڏ اٿڻ ويهڻ لڳي ته والدين ان کي سمجهائيندا آهن پر اولاد سامهون کان وڏا دليل ڏيندو آهي: فلاڻو ته مون کي ڪا بري ڳالهه ناهي سيکاريندو، اهو ته تمام بهترين آهي، توهان کي بلاوجهه هن ۾ برايون نظر اينديون آهن. اهڙي اولاد کي ڪپي ته والدين جي ڳالهه مڃن والدين جيڪو ڪجهه چاهيندا آهن، اسان جو ٻاراڻو ذهن ان تائين نٿو پهچي سگهي، هونئن به ڪو برو چئي ڪري ٿوري چوندو ته تون برو آهين؟ مثلاً ڪو بي نمازي آهي، ته اهو ائين ٿوري چوندو ته توهان نماز نه پڙهندا ڪيو! جيڪو بداخلاق آهي اهو مخاطب تي ڪري نه چوندو: توهان به بداخلاقيون ڪيو! گاريون بڪندا ڪيو! ڪوبه دوست ائين نه ڪندو جيڪڏهن اهو ايئن ڪندو ته ڪير ان سان دوستي رکندو...؟ برو دوست هڪ بڻي آهي، جيڪو ان وٽ ويهندو آهي، ته ٻاهه جون چڻگون ان جي طرف ضرور اينديون آهن.

اسان ٿورو غور ڪريون اسان کي شريعت چڱي بري اَثرات کان آگاهه ڪيو آهي، اَلصُّحْبَةُ مُؤَثِّرَة صحبت اثر ڪندي آهي.

سوال هي آهي ته صحبت جي اثر ڪرڻ جو انداز ڇا هوندو آهي؟ ڪنهن جي صحبت اسان تي ڪهڙي ذريعي سان اثر انداز ٿيندي آهي؟ امام راغب اصفهاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن راز تان پردو کنيو آهي، پاڻ فرمائن ٿا: برو دوست پنهنجي دوست جي عادتن کي پنهنجي ڳالهين ۾ ڪمن سان ناهي بگاڙيندو بلڪ صرف ان جي طرف ڏسڻ سان ئي عادتون بدلجي وينديون آهن.

اَللّٰهُ اَكْبَر! معلوم ٿيو: اسان جو دوست بري ڳالهه ٻڌائي يا نه ٻڌائي، اسان کي برائي جي طرف وٺي وڃي يا نه وٺي وڃي، ان جي بري صحبت جو اثر ان جي طرف ڏسڻ سان ٿيندو آهي، اسان جيئن جيئن هن کي ڏسندا ويندا سين، اسان جي دل

تي اثر پوندو ويندو، آخرڪار هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو اسان ان بري دوست جي رنگ ۾ رنگجي چڪا هونداسين. انڪري بهتر آهي تہ اسان ان بري دوست کان پهرين ڏينهن کان ئي بچي وڃون، هن جي ويجهو بہ نہ وڃون.

## برو ساٿي جهنم جو ٽڪرو آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بري ساٿي کان بچو ڇوتہ اهو جهنم جو هڪ ٽڪرو آهي، ان جي محبت توهان کي فائدو نہ پهچائيندي ۽ اهو توهان سان واعدو پورو نہ ڪندو .(1)

## بري صحبت جو عبرتناڪ انجام

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! مان توهان کي بري صحبت جي هيبتناڪ انجام تي مشتمل عبرتناڪ واقعو ٻڌايان ٿو: شيخِ طريقت، امير اهل سنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي ڪتاب نيڪي جي دعوت صفحي: 290 تي لکن ٿا: پنجاب (پاڪستان) جي هڪ محلي ۾ هڪ عجيب و غريب بدبو محسوس ٿيڻ لڳي، علاقي وارن جي خوب جستجو کان پوءِ ڪٿي وڃي بدبو جو سراغ لڳو، اها بدبوءِ هڪ بند گهر مان اچي رهي هئي. جيئن تہ پوليس کي اطلاع ڏنو ويو. جڏهن پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ڀڃي گهر اندر داخل ٿيا تہ اهو ڏسي ڪري سيني جا لڱ ڪانڊارجي ويا تہ اتي ڪٽولي تي هڪ نوجوان جو لاش پيو هو ۽ ان جا ڪجهہ حصا سڙي ڳري چڪا هئا ۽ ان ۾ جِيتَ هلي رهيا هئا، هي منظر ڏسي ڪري ٻارن سميت ڪيئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا. تحقيق ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي ارادي سان هن علائقي ۾ آيو هو، ڪرائي جي گهر ۾ رهائش پذير هو ۽ ڪجهہ جُوارين سان هن جي دوستي هئي. هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي جواري دوستن سان

[1]... فردوس الاخبار،جلد:1،صفحہ:224، حديث:1573۔

جُوا ۾ تمام گهڻي رقم کٽي ويو، هاريل جُواري دوستن هاريل رقم قرڻ لاءِ ان جي ڳچيءَ ۾ ڦاهو وڌو ۽ بجلي جا جهٽڪا ڏيئي ماري ڇڏيو، پوءِ ان کي بغير ڪفن ۽ دفن جي ڇڏي ڪري تالو هڻي فرار ٿي ويا. (1)

اي عاشقانِ رسول! هي آهي بُري صحبت جو ڀيانڪ انجام الله پاڪ اسان کي بُري دوستن کان محفوظ فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

## دوست ڪيئن بڻائجي...؟

سيپاري:11، سوره توبہ، آيت: 119 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ كُوۡنُوۡا مَعَ الصّٰدِقِيۡنَ ﴿۱۱۹﴾ | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ الله کان ڊڄو ۽ سچن سان گڏ ٿي وڃو. |

تفسير سراط الجنان ۾ آهي: هن آيت مان نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ ويهڻ جو بہ ثبوت ملي ٿو ڇوتہ انهن سان گڏ هجڻ جي هڪ صورت انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ بہ آهي ۽ انهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جو اثر هي ٿيندو آهي جو انهن جي سيرت ۽ ڪردار ۽ سنا عمل ڏسي ڪري پاڻ کي بہ گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جي توفيق ملي ويندي آهي ۽ هڪ اثر هي ٿيندو آهي جو دل جي سختي ختم ٿيندي ۽ ان ۾ رِقّت ۽ نرمي محسوس ٿيندي آهي، ايمان تي خاتمو ۽ قبر ۽ حشر جي ڀيانڪ معاملن جو فڪر نصيب ٿيندو آهي، انهيءَ ڪري هر مسلمان کي گهرجي تہ اهو نيڪ ٻانهن سان تَعلُّقات بڻائي ۽ انهن جي صحبت

[1] ...نيکی کی دعوت،صفحہ:290۔

اختيار ڪري. (1)
۽ ديندار دوست تلاش ڪرڻ جي ترغيب ڏيندي مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ فرمايو: سچا دوست تلاش ڪيو ۽ انهن جي پناهه ۾ زندگي گذاريو ڇوته اهي خوشي جي حالت ۾ زينت ۽ آزمائش جي وقت سامان آهن. ۽ ڪنهن گنهگار جي صحبت اختيار نه ڪيو نه ته ان ڪان گناهه ڪرڻ سکندؤ. (2)

## علماءِ ڪرام جي صحبت ۾ ويهڻ عبادت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته عُلماءِ ڪرام جي صحبت ۾ ويهندا ڪيون، انهن سان دوستي ڪيون، الله پاڪ جي رضا جي لاءِ عاشقانِ رسول عالمن سان محبت ڪندا ڪيون، صحابي رسول حضرت عبدالله بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُما فرمايو: عالمن جي صحبت ۾ ويهڻ عبادت آهي. (3)
ڪنزالعُمال جي حديث پاڪ آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جيڪو عالمن جي صحبت ۾ وينو تحقيق اهو منهنجي صحبت ۾ وينو ۽ جيڪو منهنجي صحبت ۾ وينو يقيناً اهو الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وينو. (4)
حضرت سفيان بن عُيَيْنَہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمايو ته حضرت عيسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جو ارشاد آهي: اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪيو جن جي صورت ڏسي ڪري توهان کي خدا ياد اچي وڃي، جن جي گفتگو توهان جي علم ۾ اضافو ڪري، جن جو عمل توهان کي آخرت جو شوق ڏياري. (5)

---

[1] … تفسير صراط الجنان، پاره:11 ،سورة توبه،زيرِ آيت:119 ،جلد:4،صفحه:258۔
[2] …احياء العلوم،ڪتاب: آداب الالفة …الخ،باب :الاول ، جلد:2،صفحه:212 ملتقطًا۔
[3] …احياء العلوم،ڪتاب: آداب الالفة …الخ،باب :الاول ، جلد:2،صفحه:212 ملتقطًا۔
[4] …ڪنز العمال،ڪتاب:العلم ،باب :الاول فی الترغيب فيه،جز:10،جلد:5 ،صفحه:74 ،حديث:28879۔
[5] …جامع بيان العلم و فضله ،باب جامع فی آداب العالم و المتعلم،جلد:1،صفحه:416 ،رقم:815۔

## سٺي دوست جون پنج صِفتون

پياراسلامي ڀائرو! دوست ڪهڙو هجي؟ ان جي متعلق حُجَّةُ الاسلام، امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: انسان جي لاءِ اُنهن خصلتن ۽ صفتن کي ڄاڻڻ ضروري آهي جن جي سبب ڪنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ رغبت ڪئي ويندي آهي. وڌيڪ فرمائن ٿا: صرف اهڙي شخص جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جنهن ۾ هي پنج خوبيون هجن:

## پهرين صفت: عقلمند هجي

امام غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بيوقوف سان گڏ ويهڻ ڪو فائدو ناهي، ان جو ساٿ ڪيترو ئي ڏکيو هجي انجام وَحشت ۽ جدائي هوندو آهي. عقلمند جي صحبت اختيار ڪرڻ انهيءَ ڪري بہ ضروري آهي جو بيوقوف شخص جيڪڏهن توهان کي فائدو پهچائڻ ۽ توهان جي مدد ڪرڻ جو ارادو ڪندو بہ آهي تہ توهان کي نقصان ئي پهچائيندو آهي ۽ ان کي هن ڳالھ جو علم بہ ناهي هوندو. چيو ويو آهي تہ **بيوقوف کان دوري اختيار ڪرڻ الله پاڪ جي قرب جو ذريعو آهي.** [(1)]

چون ٿا: هڪ شڪاري هڪ پيري جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ ويو، اُن جي نظر هڪ پولڙي تي پئي، جنهن جي پير ۾ ڪنڊو لڳل هو، شڪاري کي پولڙي تي ترس آيو ۽ ان اهو ڪنڊو ڪڍي اڇلائي ڇڏيو، بس! انهيءَ همدري جي ڪري پولڙي ۽ شڪاري جي پاڻ ۾ دوستي ٿي وئي، پولڙو شڪاري سان گڏ ئي رهڻ لڳو، ماڻهن شڪاري کي ڏاڍو سمجهايو تہ پولڙو هڪ بيوقوف جانور آهي، ان جي دوستي توکي نقصان پهچائيندي پر شڪاري ڪنهن جي ڳالھ تي توجه نہ ڏيندو هو، هڪ ڏينهن ايئن جو شڪاري ستو پيو هو، پولڙو ان جي ويجهو وينو هو،

---

[1]...احياء العلوم،ڪتاب: آداب الالفة ...الخ،باب :الاول ، جلد:2،صفحه:211 ملتقطًا۔

اچانڪ هڪ مک ڪٿان ڪان آئي ۽ شڪاري جي نڪ تي ويهي رهي، پولڙي شڪاري سان همدردي ڪندي ان مک کي اڏايو پر مک ٿورو ضدّي هوندي آهي، پولڙي هڪ ڀيرو مک اڏائي، اها وري اتي اچي ويهي رهي، چند ڀيرا ائين ئي ٿيو: آخرڪار پولڙي کي غصو آيو ۽ ان پنهنجي طرفان پنهنجي دوست سان همدردي ڪرڻ چاهي ۽ هڪ پٿر کڻي ڪري نڪ تي وينل مکي کي زور سان هنيائين، مک تہ اڏري سگهي ٿي، اها اڏامي وئي، پٿر شڪاري جي نڪ تي اچي لڳو ۽ اهو زخمي ٿي پيو. بيوقوف جي دوستي جو اهوئي انجام ٿيندو آهي، لھٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان عقلمند سان دوستي ڪيون.

## ٻي صفت: سٺي اخلاق جو مالڪ هجي!

جنهن جي صحبت حاصل ڪئي وڃي ان جا اخلاق بہ چڱا هجڻ ضروري آهن ڇو تہ برن اخلاقن وارو ماڻهو چاهي ڪيترو ئي عقلمند هجي، جڏهن ان تي غصو، خواهش، بخل يا بزدلي وغيره غالب هجي تہ اهو پنهنجي نفس جي پيروي ڪندو آهي. ائين هو ڪنهن وقت پاڻ بہ هلاڪت ۾ پئجي ويندو آهي ۽ پنهنجي دوستن کي بہ هلاڪت ۾ وجهي ڇڏيندو آهي.

## ٽين صفت: فاسق نہ هجي

سٺي دوست جي ٽين صفت هي آهي تہ اهو فاسق (يعني گناهن تي ضدي يا اِعلانيہ گناهہ ڪرڻ وارو) نہ هجي. اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ وَكَانَ اَمْرُهٗ فُرُطًا ﴿۲۸﴾<br>(پارہ:15، سورۂ کہف:28) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ان جي ڳالهہ نہ مڃ جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏي ۽ اهو خواهش جي پويان هليو ۽ ان جو ڪم حد کان لنگهي ويو. |

هڪ جڳهه تي ارشاد فرمايو:

| ترجمو ڪنز العرفان: سو تون انهيءَ کان منهن ڦيري ڇڏ جيڪو اسان جي ياد کان ڦريو ۽ ان صرف دنياوي زندگي کي چاهيو. | فَاَعۡرِضۡ عَنۡ مَّنۡ تَوَلّٰى ۙ عَنۡ ذِكۡرِنَا وَلَمۡ يُرِدۡ اِلَّا الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا ﴿۲۹﴾ (پاره:27،سورة نجم:29) |
|---|---|

لهٰذا گنهگارن فاسقن جي صحبت کان هميشہ بچندا رهو جو جيڪو گناهہ جو عادي هجي، ان جي صحبت ڪڏهن ڪڏهن وڏي بربادي جو سبب بڻجي ويندي آهي.

## شرابين جي صحبت جو ڀيانڪ انجام

علامہ احمد ذهبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ شخص شرابين جي صحبت ۾ ويهندو هو، ان جي موت جو وقت ويجهو آيو تہ ڪنهن ان کي ڪلمو شريف پڙهڻ جي تلقين ڪئي پر افسوس! ان کي آخري وقت ڪلمو پڙهڻ نصيب نہ ٿيو، ڪلمي جي جڳهہ ان چيو: تو بہ پي ۽ مون کي بہ پيار! هو اِهو چوندي دنيا مان رخصت ٿي ويو، ايئن ئي هڪ شطرنج کيڏڻ واري جو آخري وقت آيو تہ ان کي ڪلمي پڙهڻ جي تلقين ڪئي وئي، ان تي اُن ڪلمي جي جڳهہ چيو: شَاهَكَ (يعني تنهنجو بادشاهہ)، اهو چوندي ئي اُن جو دم نڪري ويو. (1)

| کاش کہ مری ماں نے ہی نہیں جنا ہوتا(2) | آہ سلبِ ایمان کا خوف کھائے جاتا ہے |
|---|---|

## چوٿين صفت گمراهہ نہ هجي-

سني دوست جو پنجون وصف هي آهي تہ هو گمراهہ ۽ بدمذهب (يعني ضروريات دين مذهب اهلسنت مان ڪنهن شي جو انڪار ڪرڻ وارو) نہ هجي ڇوتہ

[1]...الكبائر للذہبی،الكبيرة العشرون،فصل فی النرد و الشطرنج،صفحہ:65 تقديم و تاخير-

[2]... وسائلِ بخشش،صفحہ:158-

بدمذهب جي صحبت ايمان جي لاء وڏي خطرناڪ آهي ان جي سبب انسان جا عقيدا خراب ٿيندا آهن، دل ڪاري ٿي ويندي آهي، ايمان ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهو الله ۽ رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي گستاخين تي دلير ٿي ويندو آهي.

تعلقي ڦاليه (پنجاب پاڪستان) جي هڪ رهاڪو اسلامي ڀاء جي بيان جو خلاصو آهي ته دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ بدمذهبن جي صحبت ميسر هئي، جنهن جي نحوست سان انبياء ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي تعظيم ۽ محبتِ اولياء رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مناس کان محروم هيس عاشقان رسول ۽ غلامان اولياءِ کان ايتري قدر نفرت هئي جو منهنجو چاچو جيڪو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي خوشبودار ديني ماحول سان وابسته هيو اهو جڏهن اسان جي گهر ايندو هيو ته منهنجي اندر نفرت جي باهه ڀڙڪي ويندي هئي، ان کي حقارت واري نگاهه سان گهوريندو هيس ۽ ان سان ڳالهه ٻول ڪرڻ به برداشت نه ڪندو هيس شايد اهڙي طرح منهنجي زندگي جي شام ٿي وڃي ها ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن حسرت ۽ پشيماني کي منهن ڏيڻو پوي ها پر مون تي منهنجي رب جو ڪرم ٿيو ۽ ڪنهن ڪم جي سلسلي ۾ لاهور چاچي جي گهر وڃڻ ٿيو، هڪڙي ڏينهن ان دعوت اسلامي جي هفتي وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيڻ جو چيو نه چاهندي به آئون ان کي منع نه ڪري سگهيس ۽ اجتماع ۾ شريڪ ٿي ويس پر اتي به منهنجي اکين تي ٻڌل نفرت ۽ دشمني جي پٽي نه کلي سگهي، قسمت ۾ جيئن ته بدمذهبيت کان ڇوٽڪارو ۽ عاشقان رسول جي صحبت لکيل هئي انهي ڪري هڪڙي ڏينهن ديني ماحول سان وابسته هڪ اسلامي ڀاء سان ملاقات ٿي ان تمام گهڻي شفقت ڀري انداز ۾ مون تي انفرادي ڪوشش ڪئي ۽ مون کي راهه خدا جي ۾ سفر جي ترغيب ڏني نه ڄاڻي ان جي ڳالهين ۾ ڪهڙو اثر هيو مون هٿون هٿ هڪ مهيني جي مدني قافلي ۾ سفر جي نه صرف هامي ڀري ڇڏي بلڪ مدني قافلي

جو مسافر بہ بڻجي ويس .

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقان رسول جو قرب تہ ڇا مليو منهنجي زندگي جو طور طريقو بہ بدلجي ويو، پرسوز بيانن سان ۽ پياري پياري نعتن سان ۽ منيون منيون سنتون سکڻ سيکارڻ جي حلقن تہ منهنجي سوچ جو دارومدار ئي بدلائي ڇڏيو، دل ۾ محبت خدا ۽ عشق مصطفي جي شمع روشن ٿي وئي ۽ مون کي هڪ دلي سکون ملڻ لڳو، اکين تي بدل بغض ۽ دشمني جي پٽي کلي وئي ۽ دعوت اسلامي سان نفرت محبت ۾ بدل جي وئي ۽ مٿي تي پٽڪي مبارڪ جو تاج سجائي ڇڏيو ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيه جو مريد ٿي ڪري سندس ڪرم واري دامن سان وابستہ ٿي ويس، مدني قافلي کان واپسي تي مون بدمذهبن سان ميل ميلاپ ختم ڪري ڇڏيو پنهنجو ظاهر ۽ باطن وڌيڪ صاف ڪرڻ لاءِ تربيتي ڪورس ۾ داخل وني ڇڏي (1)

## پنجون وصف: دنيا جو حريص نہ هجي

اسان کي جنهن سان دوستي رکڻي آهي، ان جي پنجين خوبي هيءَ آهي تہ اسان جنهن کي دوست بڻائي رهيا آهيون، اهو دنيا جو لالچي نہ هجي، ڇوتہ لالچي انسان چار پئسن جي لالچ ۾ ڇا جو ڇا ڪري وجهندو آهي.

## ٿي ماني ڪيڏانهن وئي

حضرت عيسيٰ عَلَيه السَّلام جي خدمت ۾ هڪ ماڻهو عرض ڪيو: يَارُوْحَ الله! مان توهان جي صحبت بابرڪت ۾ رهي ڪري خدمت ڪرڻ ۽ علمِ شريعت حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو، پاڻ عَلَيه السَّلام انهيءَ کي اجازت ڏئي ڇڏي، هلندي هلندي جڏهن هڪ شاخ جي ڪناري پهتا تہ پاڻ عَلَيه السَّلام فرمايائون: اچو ڪاڌو ڪائي ونو! پاڻ

---

[1]... عشقِ رسول،صفحہ:50۔

عَلَيه السَّلَام وٽ ٿي مانيون هيون، جڏهن هڪ هڪ ماني ٻئي کائي چڪا ته حضرت عيسيٰ عَلَيه السَّلَام شاخَ مان پاڻي پيئڻ لڳا، ان شخص ٽين ماني لِڪائي ڇڏي. جڏهن پاڻ عَلَيه السَّلَام پاڻي پي واپس آيا ته ماني موجود نه ڏسي فرمايائون: ٽين ماني ڪيڏانهن وئي؟ ان ڪوڙ هڻندي چيو: مون کي خبر ناهي ته ٽين ماني ڪاڏي وئي، بهرحال پاڻ عَلَيه السَّلَام خاموش ٿي رهيا.

ٿوري دير کان پوءِ فرمايائون: اچو اڳتي هلون! رستي ۾ هڪ هرڻي ملي جنهن سان گڏ 2 ٻچا هئا، پاڻ عَلَيه السَّلَام هرڻي جي هڪ ٻچڙي کي پاڻ ڏانهن سڏيو، اهو اچي ويو پاڻ عَلَيه السَّلَام ان کي ذبح ڪيو، ڀُڳو ۽ ٻنهي گڏجي ڪري کاڌو. گوشت کائڻ کان پوءِ پاڻ عَلَيه السَّلَام هڏين کي جمع ڪيو ۽ فرمايو: قُمْ بِاِذْنِ الله (الله پاڪ جي حڪم سان زنده ٿي اٿي بيهه) هرڻي جو ٻچو زنده ٿي ڪري پنهنجي ماءُ سان وڃي مليو. پاڻ عَلَيه السَّلَام ان شخص کي فرمايو: توکي الله پاڪ جو قسم! جنهن مون کي هي معجزو ڏسڻ جي قُوت عطا ڪئي، سچ ٻڌاءِ اها ٽين ماني ڪاڏي وئي؟ ان چيو: مون کي خبر ناهي. فرمايائون: اچو اڳتي ٿا هلون. هلندي هلندي هڪ درياء تي پهتا، پاڻ عَلَيه السَّلَام ان شخص جو هٿ پڪڙيو ۽ پاڻي مٿان هلندي درياء جي ٻي ڪناري پهچي ويا، پاڻ عَلَيه السَّلَام ان شخص کي فرمايو: توکي ان خدا جو قسم! جنهن مون کي هي معجزو ڏسڻ جي قُدرت عطا ڪئي، سچ ٻڌاءِ ته اها ٽين ماني ڪاڏي وئي؟ ان چيو: مون کي خبر ناهي. پاڻ عَلَيه السَّلَام فرمايو: اچو اجا اڳتي ٿا هلون. هلندي هلندي هڪ ريگستان ۾ پهتا، پاڻ عَلَيه السَّلَام وَارِي جو هڪ ڍير ٺاهي فرمايو: اي واريءَ جا ڍير! الله پاڪ جي حڪم سان سُون ٺجي وڃ. اهو ڍير فوراً سون ۾ بدلجي ويو، پاڻ عَلَيه السَّلَام ان جا 3 حصا ڪيا پوءِ فرمايائون: هي هڪ حصو منهنجو آهي ۽ هڪ حصو تنهنجو ۽ هي ٽيون حصو ان جو جنهن اها ٽين ماني کنئين آهي، اهو ٻڌندي ئي ان شخص جهٽ ۾ ڳالهائي ڏنو: يَا رُوْحَ الله! اها ٽين ماني مون ئي کنئين هئي، پاڻ عَلَيه السَّلَام فرمايو: هي سڄو سون تون ئي کڻ. پوءِ

پاڻ عَلَيهِ السَّلَام ان شخص کي ڇڏي ڪري اڳتي تشريف وٺي ويا. هي شخص سون چادر ۾ ويڙهي اڪيلو ئي روانو ٿيو، رستي ۾ ان کي 2 شخص مليا، انهن جڏهن ڏٺو ته هن وٽ سون آهي ته ان کي قتل ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿي ويا ته جيئن سون کسي وٺون. ان شخص جان بچائڻ خاطر چيو: توهان مون کي قتل ڇوٽا ڪيو اسان هن سون جا 3 حصا ڪري وٺون ٿا ۽ هڪ هڪ حصو ورهائي ٿا وٺون. اهي ٻئي شخص ان تي راضي ٿي ويا. ان شخص چيو بهتر آهي اسان مان هڪ ماڻهو ٿورڙو سون کڻي ڪري ويجهو شهر مان کاڌو خريد ڪري اچي ته جيئن کائي، پي ڪري سون تقسيم ڪري وٺون، جيئن ته انهن مان هڪ ماڻهو شهر پهتو، کاڌو خريد ڪري واپس ٿيڻ لڳو ته ان سوچيو، بهتر اهو آهي ته کاڌي ۾ زهر ملائي ٿو ڇڏيان ته جيئن اهي ٻئي کائي مري وڃن ۽ سڄو سون مان ئي ڦٻائي وٺان. اهو سوچي ڪري ان زهر خريد ڪري کاڌي ۾ ملائي ڇڏيو. هوڏانهن هنن ٻنهي هيءَ سازش ڪئي ته جيئن ئي هو کاڌو وٺي ايندو ته اسان ٻئي ملي ڪري ان کي ماري ڇڏينداسين ۽ پوءِ سڄو سون اَڌو اڌ ڪري ورهائي وٺنداسين جيئن ئي جڏهن اهو شخص کاڌو وٺي آيو ته انهن ٻنهي هن کي قتل ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ ٻئي خوشيءَ خوشيءَ سان کاڌو کائڻ لڳا ته زهر پنهنجو اثر ڪري ڏيکاريو ۽ هي ٻئي به تڙپي تڙپي ڪري مري ويا ۽ سون جيئن جو تيئن ئي پيو رهيو. بعد ۾ حضرت عيسيٰ عَلَيهِ السَّلَام موٽيا ته چند ماڻهو پاڻ عَلَيهِ السَّلَام سان گڏ هيا پاڻ عَلَيهِ السَّلَام سون ۽ ٽن لاشن ڏانهن اشارو ڪري ساٿين کي فرمايائون: ڏسي وٺو دنيا جو هي حال آهي بس توهان تي لازم آهي ته ان کان بچندا رهو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! دنيا ۽ هتي جي مال ۽ دولت جي لالچين جو ڇا حال ٿيو، سيني مال جي لالچ ۾ هڪ ٻئي کي قتل ڪري ڇڏيو الله پاڪ

---

[1]... اتحافُ السَّا دَ ة المُتّقِينَ،ڪتاب:ذم البخل و ذم حب المال ، جلد:9،صفحہ:835۔

اسان کي مال جي حِرص کان بہ بچائي ۽ نيڪ ماڻهن کان دوستي رکڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## دعوتِ اسلامي ۾ نيڪ صحبت جي فراهمي

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ صحبت ماڻڻ جو طريقو هي آهي: اسان نيڪ پرهيزگار، خوفِ خدا، آخرت جو فڪر رکڻ واري ماڻهن سان گڏ ويهنداسين تہ اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! اسان کي نيڪ صحبت نصيب ٿي ويندي. نيڪ صحبت حاصل ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻايو، پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت ڪيو، امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو عطا ڪيل رسالو نيڪ اعمال جي مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪيو، مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪري فيضان قرآن حاصل ڪيو، الحمدلله! شيخ طريقت، اميراهل سنت، حضرت علامہ و مولانا، ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي جو بعد نماز عشاء مدني چينل تي براهِ راست (Live) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن ان ۾ شرڪت ڪيو، سوشل ميڊيا ( يعني فيس بڪ (Facebook) انسٽاگرام (Instagram)، واٽس ايپ (WhatsApp)، ٽوئيٽر(Twitter)، يوٽيوب تي دعوتِ اسلامي جا مختلف پيجَ (Pages) بڻيل آهن انهن کي ڏسو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سٺي صحبت حاصل ٿيندي. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## دوستي جي متعلق اميراهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا ارشادَ

پيارا اسلامي ڀائرو! اچو! دوستي جي متعلق امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا

ارشادَ بُڌون ٿا: ❁ سني دوست کي پرکڻ جي لاءِ ان سان گڏ سفر ڪيو يا ڪهڙو بہ معاملو مثلاً خريد و فروخت وغيره ڪيو ❁ غيبت ۽ تهمت لڳائڻ واري شخص سان دوستي نہ ڪيو، پري رهو ❁ دنياوي دوستين جا ڪيترائي نقصان ڏٺا آهن ❁ جيڪو فارغ هجي اهو ئي ذاتي دوستيون ڪري سگهي ٿو، جيڪو ديني ڪمن ۾ مصروف هجي، ان وٽ ذاتي دوستي لاءِ وقت ناهي هوندو ❁ ذاتي دوستي وارو دعوتِ اسلامي جي ڪنهن بہ عهدي لاءِ ڪارآمد ناهي ❁ جيڪو دين جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو، اهو ذاتي دوستين کان بچي ❁ بدعقيده جي دوستي باهہ ۾ هٿ وجهڻ کان وڌيڪ نقصان ڏيندڙ آهي ❁ امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه رسالي نيڪ اعمال ۾ فرمائن ٿا: ڇا توهان جي ڪنهن هڪ يا چند سان دنياوي طور تي ذاتي دوستي تہ ناهي؟ (ذاتي دوستيون ۽ گروپ، تنظيمي ڪمن جي ترقي ۾ عام طور تي رڪاوٽ بڻجندا آهن.) الله پاڪ اسان کي بري دوستي کان محفوظ فرمائي.

آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون ماڻڻ، نمازن جو پابند بڻجڻ، پنهنجي ۽ ٻين جي اصلاح جي ڪوشش ڪري ثواب جو ذخيرو جمع ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ جيترو ٿي سگهي دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ عملي طور حصو وٺو. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو. اَلْحَمْدُ لله!

دين جي تبليغ جي لاءِ، سڄي دنيا ۾ سنتون عام ڪرڻ جي لاءِ، پاڻ نمازن جي پابندي ڪرڻ ۽ ٻين کي نمازن جو عادي بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي تحت هر مهيني هزارين اسلامي ڀائر مدني قافلن ۾ سفر ڪندا ۽ مختلف علائقن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن، توهان بہ همت ڪيو، الله پاڪ جي دين کي وقت ڏيو، الله ڪريم اسان تي ڪھڙا ڪھڙا انعام فرمايا آهن، اسان کي ساهہ عطا ڪيو، روزانو اسان کي رزق عطا فرمائيندو آهي، اسان جون مشڪلات حل فرمائيندو آهي، اسان کي هٿ پير ڏنا، نڪ، ڪن، اک، زبان جي نعمت عطا فرمائي، انهيءَ رَحمن ۽ رَحيم جي احڪامن تي عمل ڪيو، ان جي دين کي دنيا سڄي ۾ ڦهلائڻ جي لاءِ وقت ڪڍو ۽ هن نيڪ مقصد جي لاءِ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون ڍيرو ڀلايون نصيب ٿينديون. اچو! تَرغيب جي لاءِ مدني قافلي جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا!

## شرابي مؤذن بڻجي ويو

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستگي کان پهرين مان گناهن جي مرض ۾ مبتلا هيس، گاريون بڪندو ۽ والدين ۽ محلي وارن کي خوب تنگ ڪندو هيس، آخرڪار منهنجي قسمت جو ستارو چمڪيو ۽ منهنجي ملاقات دعوتِ اسلامي جي هڪ ذميدار اسلامي ڀاءُ سان ٿي وئي، ان انفرادي ڪوشش ڪندي (يعني سمجهائيندي) مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، مون کان انڪار نہ ٿي سگهيو ۽ فوراً 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس، عاشقانِ رسول جي صحبت ملي ۽ شيخ طريقت، امير اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا رسالا بہ پڙهڻ جي لاءِ مليا، جن جي برڪت سان مان نہ صرف نماز پڙهڻ وارو بڻجي ويس بلڪ

ٻين کي نمازِ فجر جي لاءِ جاڳائڻ ۽ مدني قافلن جو مسافر بڻائڻ وارو بڻجي ويس. هن وقت مان هڪ مسجد ۾ موذن آهيان ۽ خوب ديني ڪمن جي ڌوم مچائي رهيو آهيان. (1)

بے عمل، باعمل بن گئے خاص کر | آپ بھی دیکھ لیں، قافلے میں چلو
دِل پہ گر زنگ ہو، سارا گھر تنگ ہو | داغ سارے دُھلیں، قافلے میں چلو (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ماهوار فيضانِ مدينہ ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمنٽ جي پاران ماهوار فيضانِ مدينہ ايپلي ڪيشن متعارف ڪرائي وئي آهي، هن ايپلي ڪيشن ۾ بهترين آپشن موجود آهن: ❁ پورين تمام ماهوار فيضانِ مدينہ جون ***PDF*** ❁ تمام ماهوارن جا مضمون (آرٽيڪلَ) لکت جي صورت ۾ موجود آهن، جن کي ڪاپي ڪري شيئر ڪري سگهجي ٿو ❁ سرچ آپشن (*Search option*) جنهن ۾ تمام ماهوار ۾ سرچ ڪري ڪا بہ شيءِ ڳولهي سگهجي ٿي ❁ تمام مضمون موضوعن جي اعتبار سان ترتيب ڏنا ويا آهن، پنهنجي سمارٽ فون ۾ هي ايپلي ڪيشن ڊائون لوڊ (*Download*) ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان اختتام طرف آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت

[1]... شرابی مؤذن کیسے بنا؟ صفحہ:4۔
[2]... وَسائلِ بخشش، صفحہ:672۔

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## شڪر ڪرڻ سنّت آهي

ﭜ فرمان آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم
(1) ٻانهي جو هر گهڙيءَ ۽ هر ڏُکَ تي الله ڪريم جو شڪر ڪرڻ الله پاڪ کي پسند آهي.(2) (2): پنهنجون زبانون ذڪر سان ۽ دل شڪر سان تَر رکو! (3).

اي عاشقانِ رسول! شڪر ڪرڻ سنّت آهي ❁ الله جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان شڪر ڪندا هئا ❁ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ﭜ نا شڪري ﮭ ڪئي ❁ شڪر اعليٰ عبادت آهي ❁ شڪر ڪرڻ سان نعمت ۾ اضافو ٿيندو آهي ❁ ٻانهي کي نعمت ملي، ٻانهو شڪر ڪري، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ٻانهوعذاب کان محفوظ رهندو. (4)

## شڪر ڪرڻ جو طريقو:

حضرت ابوبڪر شِبلي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:نعمت کي ڏسڻ جي بجاءِ، نعمت ڏيڻ واري تي نظر رکڻ شڪر آهي. (5) مثلاً توهان کي پگهار (Salary) ملي،

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔
2...مُسْلِم، كتابُ الذِّكْرِ و الدَّعَا، صفحه:1122، حديث:6932۔
3...شُعَبُ الْاِيْمَان، باب: محبة ُ الله، جلد:1، صفحه:419، حديث:590، ملتقطاً۔
4...صِراطُ الجنان، جلد:4، صفحه:406، خُلاصَةً۔
5...اِحْيَاءُ العلوم، كتابُ الصَّبْرِ والشكر، جلد:4، صفحه:103، خلاصةً۔

هي بہ نعمت آهي، امتحان ۾ پاس ٿيا هي بہ نعمت آهي، پٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي، نماز جي توفيق ملي، روزو رکڻ جي سعادت ملي، صدقو ڏنو وغيره ڪا بہ نعمت ملي تہ هاڻ ان نعمت تي نگاهہ نہ رکي بلڪ سوچي الله پاڪ هي نعمت عطا ڪئي، نعمت جي نسبت پنهنجي طرف نہ، بلڪ الله پاڪ ڏانهن ڪري ❁ امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نعمت سان گڏ نيڪي جو ارادو ڪرڻ دل جو شڪر آهي. زبان سان الله پاڪ جو حمد و ثنا ڪرڻ زبان جو شڪر آهي. الله ڪريم جي ڏنل نعمت کي عبادت ۾ خرچ ڪرڻ ، ان جي گناهہ ۾ استعمال ٿيڻ کان بچائڻ باقي اعضاء جو شڪر آهي.(1)

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد:3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت امير اهل سنّت حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنتو ۽ آداب وٺو ۽ پڙهو. سنتن سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.

| | |
|---|---|
| الفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہئے گر تمہیں قافلے میں چلو |
| گر مدینے کا غم چاہئے چشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

[1]…اِحْيَاءُ العلوم، کتابُ الصَّبر والشکر، جلد:4، صفحہ:103، خلاصۃً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰی سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1 ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]… القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]… افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]… القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]… الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455